

رحمۃ اللہ علیہ

# قُطبِ مدینه

## جا اعليٰ اوصاف

**13-JUNE-2024**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

13 جون، 2024ء (اسلامي تاريخ: 6 ذُوالحج، 1445ھ) تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# قُطبِ مدينہ رحمۃ اللہ علیہ جا اعليٰ اوصاف

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... وَليَن جي زبان مان نڪتل ڳالھ ٽرندي ناهي
- ✿... چڱو استقبال بہ نيڪي آهي
- ✿... قُطبِ مدينہ راز ڄاڻي ورتو
- ✿... غيبت ۾ شريڪ ٿيڻ جا مختلف انداز

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**حضور نبي ڪريم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عالي شان آهي: شبِ جمعه ۽ روزِ جمعه (يعني خميس جو سج لهڻ کان وٺي جمعي جو سج لهڻ تائين) مون تي درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪندا ڪريو! جيڪو ائين ڪندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي گواهي ڏيندُس ۽ شفاعت بہ ڪندُس.[1]

تمنّا ہے فرمایئے روزِ محشر | یہ تیری رہائی کی چِٹّھی ملی ہے
شفاعت کرے حشر میں جو رضاؔ کی | سوا تیرے کس کو یہ قُدرت ملی ہے[2]

**وضاحت**: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواهش هي آهي تہ جڏهن قيامت جي ڏينهن حاضري ٿئي تہ اوهان فرمايو: اي رضا! تنهنجي لاءِ هي جهنم کان آزادي جو پروانو مليو آهي. اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! رضا جي شفاعت ڪرڻ اوهان جو ئي ڪم آهي، اوهان کانسواءِ ڪنهن کي هيءَ طاقت ناهي ڏني وئي.

**الله پاڪ اسان** کي ڪثرت سان دُرودِ پاڪ پڙهڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

سُنين جا عظيم اڳواڻ، تمام وڏا عاشقِ رسول سيدي قُطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي مُريدن کي نصيحت فرمائيندا هئا تہ قرآنِ پاڪ جي تلاوت جيتري

---

[1]...شُعَبُ الْاِيْمَان، باب فى الصلوات، جلد:3، صفحه:111، حديث:3033۔

[2]...حدائقِ بخشش، صفحه:188 ملتقطاً۔

ممکن ٿي سگهي، روزانو پنهنجي مٿان لازم ڪري ڇڏيو! ۽ درود شريف ته هر مسلمان کي پيارو ۽ مومن جي ايمان جي جان آهي، هر وقت دُرود و سلام عرض ڪندا رهو! ۽ دلائلُ الخيرات شريف مان جيتري قدر ٿي سگهي روزانو پڙهي ونندا ڪيو! (1)

**دلائلُ الخيرات شريف** دُرودِ پاڪ جو نهايت ئي پيارو ڪتاب آهي، هن ۾ ڪيئي دُرودِ پاڪ لکيل آهن، ۽ هي ڪتاب پياري آقا، مکي مدني مُصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ مقبول آهي، هن کي پڙهڻ جون ڪوڙ برڪتون آهن. شجرهءِ عاليه، قادريه، رضويه، عطاريه جي وِردن ۾ به دلائلُ الخيرات جو وظيفو شامل آهي. ڪوشش فرمائي روزانو دلائلُ الخيرات جو وظيفو پڙهڻ جي عادت بڻايو! اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ! ڪوڙ برڪتون نصيب ٿينديون. الله پاڪ اسان کي هن جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

| | |
|---|---|
| زُبان و قلب کی عظمت، دُرودِ پاک سے ہے | ہر ایک غم میں حفاظت، دُرودِ پاک سے ہے |
| دعائیں ہوتی ہیں مَقبول، اس وسیلے سے | خُدا کی خاص عنایت، دُرودِ پاک سے ہے |
| خُدا کے بعد مُحَمَّد کا نام لیتے رہو | ہر ایک کام میں برکت، دُرودِ پاک سے ہے |
| دُرودِ پاک ہی خَالِق کا کل اَثاثہ ہے | یہ ساری دولت و ثروت، دُرودِ پاک سے ہے |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

**حديث پاڪ** ۾ آهي: اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (2)

---

1…سیدی ضیاء الدین احمدالقادری ، جلد:1، صفحہ:645۔

2…بخاری، کِتَاب بَدءُ الۡوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

اي عاشقانِ رسول! سني نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا، مثال طور نيت ڪيو نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير ٿي سگهيو گوڏن ڀر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ڌڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَ اللّٰه!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! الحمد الله! قرباني جا ڏينهن ويجهو آهن هر پاسي سنتِ ابراهيمي جا چرچا آهن، خوش نصيب ماڻهو اللّٰه پاڪ جي خليل حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي سنت کي ادا ڪرڻ جي لاءِ مال خرچ ڪري خوبصورت کان خوبصورت جانور خريدي رهيا آهن، گهڻين ۾ جانورن کي گهمايو پيو وڃي. اللّٰه پاڪ اسان سڀني کي قرباني جي توفيق نصيب فرمائي. حضرت زيد بن اَرقم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يارسول اللّٰه صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! هي قربانيون ڇا آهن؟ پياري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: سُنَّةُ اَبِيْكُمْ اِبْرَاهِيْم يعني توهان جي والد ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي سنّت. صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم پڇيو: يارسول اللّٰه صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! هن ۾ اسان جي لاءِ ڇا آهي؟ فرمايائون: بِكُلِّ شَعْرَةٍ حَسَنَةٌ يعني قرباني جي هر وار جي بدلي توهان جي لاءِ هڪ نيڪي آهي. [1]

جو خُدا کے لئے قربانی کیا کرتے ہیں | در اَصلِ خُلد کے حقدار ہُوا کرتے ہیں

جيڪي خوش نصيب عاشقانِ رسول هن سال قرباني جي سعادت حاصل ڪري

[1]...ابن ماجہ، کتاب الاضاحی، باب ثواب الاضحیۃ، صفحہ:510، حدیث:3127۔

رهيا آهن، الله پاڪ انهن سيني جون قربانيون پنهنجي بارگاهه ۾ قبول فرمائي ۽ جيڪي قرباني جي طاقت نه ٿا رکن ۽ دل ۾ حسرت اٿن، الله پاڪ انهن کي به طاقت نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## پُٽَ! والده جي ڳالهه مڃ...!!

محمد عارف قادري ضيائي سيدي قُطبِ مدينه رحمةُ اللهِ عَلَيْهِ جا مُريد آهن. فرمائن ٿا: 1974ء جي ڳالهه آهي مون مديني پاڪ ۾ مستقل رهائش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. مديني پاڪ ۾ ڪاروبار جو به هڪ ذريعو بڻجي ويو. رڳو والده محترمه کان اجازت وٺڻ باقي هئي، جيئن ته مديني پاڪ کان والده کي خط لکيم ۽ اجازت گهريم پر والده محترمه اجازت نه ڏني ۽ فرمايائون: پاڪستان واپس اچي وڃ! گڏوگڏ منهنجي امڙ سيدي قُطبِ مدينه رحمةُ اللهِ عَلَيْهِ جي خدمت ۾ به خط موڪليو، انهن کي به درخواست ڪيائون ته عارف جي جُدائي مون کان برداشت نه ٿيندي، مهرباني فرمائي ڪري انهن کي واپس موڪليندا!

عارف قادري صاحب فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن، رات جي وقت مان سيدي قُطبِ مدينه رحمةُ اللهِ عَلَيْهِ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس (روزانو رات جو جيڪا محفلِ ميلاد ٿيندي هئي، ان ۾ شرڪت ڪئي)، محفل ختم ٿيڻ کان بعد جڏهن سڀ هليا ويا ته سيدي قُطبِ مدينه رحمةُ اللهِ عَلَيْهِ جن فرمايو: عارف پٽَ! اوهان جي گهران خط آيو آهي، اهو پڙهي وٺو! هي چئي ڪري سندن خط مونکي ڏنائون، مون پڙهي ڪري خاموشي سان رکي ڇڏيو. فرمايائون: پٽ! خط پڙهي ڇڏيو؟ مون چيو: جي پڙهي ڇڏيو. فرمايائون: ڇا ارادو آهي؟ عرض ڪيم: مان مديني پاڪ ۾ ئي رهڻ چاهيان ٿو. امڙ کي به ڪجهه ڏينهن ۾ صبر اچي ئي ويندو. سيدي قُطبِ مدينه رحمةُ اللهِ عَلَيْهِ جن فرمايو: پٽ! والده جي ڳالهه مڃيو! هن ۾ توهان جي لاءِ برڪت آهي. مون وري عرض ڪيو: اوهان ڪرم فرمايو! مان مدينو ڇڏي ڪري نه ٿو وڃڻ چاهيان. هاڻي سيدي قُطبِ مدينه رحمةُ اللهِ عَلَيْهِ ٿورو جلال ۾ اچي ڪري فرمايو:

نہ ...!! هليا وڃو! والده جو حڪم مڃو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ! توهان مديني پاڪ اينڊؤ ۽ هتي ئي رهندؤ.

عارف صاحب چون ٿا: مدينو پاڪ ڇڏڻ تي دل نہ چاهي رهي هئي، پوءِ بہ امڙ جو حڪم ۽ پير صاحب جي ارشاد تي نہ چاهيندي بہ مان پاڪستان واپس اچي ويس. الحمدلله! ڪجهہ ئي عرصي کان بعد ڪرم ٿيو: پير صاحب جي دعا رنگ لاتو، ڪريم آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ احسان فرمايو ۽ منهنجي لاءِ مديني پاڪ ۾ مستقل رهڻ جا اسباب بڻجي ويا.(1)

| | |
|---|---|
| عاشقِ مصطفٰے، ضیاءُ الدّین | زاہد و پارسا، ضیاءُ الدّین |
| جامِ عشقِ نبی پِلا کے مجھے | مست وبے خود بنا، ضیاءُ الدّین |
| موت آئے مجھے مدینے میں | کردو حق سے دعا، ضیاءُ الدّین |
| مجھ کو دیدو بقیعِ غرقد میں | اپنے قدموں میں جا، ضیاءُ الدّین (2) |

## جناب مسعود احمد جي لاءِ بشارت

جناب مسعود احمد قادري ضِيائي رحمةُ اللهِ عَلَيْهِ بہ سيدي قُطبِ مدينہ رحمةُ اللهِ عَلَيْهِ جا مُريد هئا. سندن سان بہ اهڙو ئي واقعو پيش آيو، چون ٿا: مان پيو پيرو حج جي لاءِ حاضر ٿيس، حج کان بعد مديني پاڪ حاضري ٿي، منهنجو ارادو هو تہ بس هاڻي هميشہ جي لاءِ مديني پاڪ ۾ ئي رهان. جيئن تہ گهران نڪرندي ئي امڙ سائڻ کان اجازت وٺي ڇڏي هئي، مون مديني پاڪ پهچي ڪم ڪار بہ ڳولي ورتو ۽ مديني ۾ ئي رهڻ لڳس. ڪجهہ عرصي کان بعد امڙ سائڻ جو خط آيو، انهن حڪم ڏنو تہ پٽ! پاڪستان واپس موٽي اچو! مونکي پريشاني ٿي، روزانو رات جو عشاء کان بعد پير صاحب سيدي قُطبِ مدينہ رحمةُ اللهِ عَلَيْهِ جي خدمت ۾ حاضري ٿيندي هئي، مون مسئلو عرض ڪيو، فرمايائون: پٽ! جلدي

1... سيدی ضياء الدين احمدالقادری ، جلد:1، صفحہ:756، 757 ملخصاً.

2...وسائلِ بخشش، صفحہ:562، 563 ملتقطاً.

هليا وجو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ! وري ايندؤ ۽ هتي ئي رهندؤ، والدين جو حڪم مڃڻ ضروري آهي.

جناب مسعود احمد قادري رحمۃُ اللهِ عَلَيْهِ فرمائن ٿا: مون پير صاحب جي ڳالھ مڃي ۽ پاڪستان واپس هليو ويس. الحمد الله! پير و مرشد (سيدي قُطبِ مدينہ رحمۃُ اللهِ عَلَيْهِ) جي دعائن سان مونکي وڏيڪ 2 ڀيرا حج جي سعادت نصيب ٿي، آخرڪار مديني پاڪ ۾ ئي مستقل رهائش بہ نصيب ٿي وئي. (1)

## ولين جي زبان مان نڪتل ڳالھ ٽرندي ناهي

سُبْحٰنَ اللّٰه! ڇا تہ شان آهي سيدي قُطبِ مدينہ رحمۃُ اللهِ عَلَيْهِ جو...!! الحمد لله!

الله پاڪ جا جيڪي نيڪ ٻانها هوندا آهن، اولياءِ ڪرام هوندا آهن، انهن جي زبان مان نڪتل ڳالھ ٽرندي ناهي، اهي جيڪا ڳالھ فرمائيندا آهن، الله پاڪ پنهنجي ڪرم سان انهن جي ڳالھ پوري فرمائي ڇڏيندو آهي، بخاري شريف ۾ ڏکهي حديثِ پاڪ آهي، ۽ آهي بہ حديثِ قُدسي يعني اسان جي ربَّ جو ارشاد آهي، لفظ محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا آهن، ارشاد ٿئي ٿو: مَنْ عَادٰى لِيْ وَلِيًّا فَقَدْ اٰذَنْتُهٗ بِالْحَرْبِ جيڪو منهنجي ڪنهن وَلِي (منهنجي دوست سان دشمني رکندو آهي مان (ربُّ قهار) ان سان جنگ جو اعلان ڪندو آهيان. (2)

هي ولين جو شان آهي، انهن ڪان دشمني، الله پاڪ ڪان اعلانِ جنگ آهي.

هن حديث شريف جي آخر ۾ آهي: وَ اِنْ سَاَلَنِیْ لَاُعْطِيَنَّهٗ ۽ جيڪڏهن اهو (الله جو ولي) مون ڪان ڪجھ گهري تہ مان (الله ربُّ العالمين) ضرور ان کي عطا ڪندو آهيان. (3)

سُبْحٰنَ اللّٰه! هي الله پاڪ جي بارگاھ ۾ ولين جو مقام آهي، انهن جي عزت

---

1...سیدی ضیاء الدین احمدالقادری ، جلد:1، صفحہ:766 ملخصاً۔

2...بخاری،کتاب الرقاق، باب التواضع، صفحہ:1597، حدیث:6502 ۔

3...بخاری،کتاب الرقاق، باب التواضع، صفحہ:1597، حدیث:6502 ۔

آهي تہ اهي جيڪو فرمائين، جيڪو بہ الله ڪان گهرن، ربّ رحمٰن ۽ رحيم پنهنجي ڪرم سان انهن جي ڳالھ ٽاريندو نہ آهي، انهن جي گُهرَ پوري فرمائيندو آهي. مولانا روم رحمةُاللهِعَلَيْهِ فرمائن ٿا:

گُفْتَۂِ اُوْ گُفْتَۂِ اَللّٰه بَوَدْ | گَرْچِہ اَزْ حُلْقُومِ عَبْدُ اللّٰه بَوَدْ

مفهوم: ولين جي زبان مان نڪتل ڳالھ اها هوندي آهي جيڪا الله ڪريم پاڻ انهن ڪان چورائيندو آهي، جيتوڻيڪ ٻاهرين جي زبان مان نڪتل الفاظ هوندا آهن، پر حقيقت ۾ ربَّ جي مرضي جي مطابق هوندا آهن.

## سيدي قُطبِ مدينہ رحمةُاللهِعَلَيْهِ جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! 4 ذُو الْحَجَّةِ الْحَرَام تي يومِ قُطبِ مدينہ يعني ان ڏينهن، وقت جي ڪامل ولي، عالمِ باعمل، عاشقِ رسول، سيدي قُطبِ مدينہ حضرت ضِياءُ الدِّين مدني رحمةُ اللهِ عَلَيْهِ جو وصال مبارڪ ٿيو: سيدي قُطبِ مدينہ رحمةُ اللهِ عَلَيْهِ اميرِ اهلسُنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جا پير صاحب يعني عطّارين جا ڏاڏا پير آهن.

❁سندن ولادت:1877ع ۾ ٿي. سيالڪوٽ سندن اباڻو شهر آهي.❁سندن پيدائشي نالو احمد مُختار آهي.❁سندن ڏاڏي ضِياءُ الدِّين نالو رکيو.❁پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پهرين خليفي حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْه جي اولاد مان آهن. ❁سندن خاندان عالِمن ۽ صوفِن جو گهراڻو هو،❁سندن ابن ڏاڏن ۾ شيخ عبدُ الله قادري رحمةُ اللهِ عَلَيْه ڪرامت وارا ولي هئا، تقريباً 16هين صدي عيسوي ۾ هجرت ڪري مديني پاڪ هليا ويا هئا.❁اهڙي طرح شيخ عبدُ الحليم قادري رحمةُاللهِعَلَيْهِ بہ سندن ابن ڏاڏن مان آهن، هي بہ تمام وڏا عالِم دين ۽ صوفي هئا.[1]

❁سيدي قُطبِ مدينہ رحمةُ اللهِ عَلَيْهِ اولياءِ ڪرام سان تمام گهڻي محبت فرمائيندا

[1]… سيدی ضياء الدين احمدالقادری ، جلد:1، صفحہ:184، 186 ملتقطاً بتصرف۔

هئا، سندن فرمائن ٿا: منهنجا ابا ڏاڏا سڀ ئي قادري (يعني حضورِ غوثِ پاڪ رحمةُ اللهِ عَلَيْهِ جا مُريد) هئا.❁سيدي قُطبِ مدينہ رحمةُ اللهِ عَلَيْهِ جي عادت هئي تہ حضورِ غوثِ پاڪ رحمةُاللهِعَلَيْهِ جو نالو ٻڌندا هئا تہ ادب سان مٿو جهڪائي ڇڏيندا هئا. (1)

❁سيدي قُطبِ مدينہ رحمةُ اللهِ عَلَيْهِ دورهٴِ حديث شريف (يعني عالِم ڪورس) پيلي ڀيت (هند) مان مڪمل ڪيو، ❁ سندن دستارِ فضيلت اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رحمةُ اللهِ عَلَيْهِ ڪئي.❁18 سالن جي عُمر مبارڪ ۾ اعليٰ حضرت رحمةُ اللهِ عَلَيْهِ کين خلافت عطا فرمائي. (2)

| | |
|---|---|
| کلی ہیں گلستانِ غوثُ الوَریٰ کی | یہ باغِ رضا کے گُلِ خوشنما ہیں |

❁1910ء ۾ پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه مديني پاڪ حاضر ٿيا ۽ 70 سال کان وڌيڪ عرصو اتي رهڻ جو شرف حاصل ٿيو. آخر مديني ۾ ئي انتقال ٿيو. سندن مزار شريف بقيع پاڪ ۾ آهي. (3)

| | |
|---|---|
| دلکش و دلکشا ضیاء الدّین | میرے دل کی ضِیاء، ضِیاءُ الدّین |
| تم کو قطبِ مدینہ یامرشد! | عُلَما نے کہا ضِیاءُ الدّین |
| پون سو سال تک مدینے میں | تم نے بانٹی ضِیاء، ضِیاءُ الدّین (4) |

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سيدي قُطبِ مدينہ ملنسار هئا

اَميرِ اهلسنّت، حضرتِ علّامہ مولانا محمد الياس عطّار قادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ

---

[1]… سيدى ضياء الدين احمدالقادرى ، جلد:1، صفحہ:186بتصرف۔

[2]… سيدى ضياء الدين احمدالقادرى ، جلد:1، صفحہ:187بتصرف۔

[3]…سيدى قطبِ مدينہ، صفحہ:8، 17-18ملتقطاً۔

[4]…وسائلِ بخشش، صفحہ: 562، 563 ملتقطاً۔

پنهنجي ڪامل پير ۽ مُرشد جا اوصاف بيان ڪندي لکن ٿا: ❁سيدي قُطبِ مدينہ رحمةُ اللهِ عَلَيْهِ علم و عمل جا پيڪر هئا، ❁پاڻ پنهنجي گهران روانا ٿيا ۽ بغداد کان گذرندي مديني شريف پهتا، هن سفر ۾ پاڻ ڪيئي امتحانن کي منهن ڏنو، اهي اهڙا سخت امتحانَ هئا جو انهن تي صبر ڪرڻ سندن جو ئي خاصو آهي، ❁سيدي قُطبِ مدينہ رحمةُ اللهِ عَلَيْهِ نهايت ئي بااخلاق ۽ ملنسار هئا، اڪثر جڏهن ڪين خدمت ۾ ڪو حاضر ٿيندو هو تہ مرحبا! چئي ڪري استقبال فرمائيندا هئا. ❁سندن طبيعت ۾ سادگي ۽ عاجزي بي مثال هئي، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: مون ڪيئي پيرا ڏٺو تہ جڏهن سندن خدمت ۾ دعا جي درخواست پيش ڪئي ويندي تہ فرمائيندا هئا: مان تہ دعا ڪو بہ آهيان ۽ دعا جَو بہ. يعني دعا ڪندو بہ آهيان ۽ توهان کان دعا جو طلبگار بہ آهيان.[1]

ضيا پيرو مُرشِد مرے رہنما ہیں | سُرورِ دل و جاں مرے دلرُبا ہیں[2]

## اِستقبال جو پيارو انداز

پيارا اسلامي ڀائرو! مرحبا جي معني آهي: اوهان جو اچڻ وسعت وارو آهي، يعني توهان اسان وٽ تشريف وني آيا، اوهان جي لاءِ اسان وٽ گهڻي گنجائش ۽ ڪُشادگي آهي. اردو ۾ ان جي لاءِ خوش آمديد چوندا آهن ۽ انگلش ۾ ***Well Come*** چوندا آهن. هي ڪنهن جي استقبال جي لاءِ نهايت ئي پيارو انداز آهي، اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو عام معمول هو تہ پاڻ مرحبا چئي ڪري اچڻ واري جو استقبال فرمائيندا هئا، عام طور تي جڏهن مختلف قبيلن مان ماڻهو خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن جو سهڻي طريقي سان استقبال فرمائيندا ۽ مرحبا چوندا هئا، هڪ ڀيري ڏوس قبيلي جا 400 ماڻهو خدمت ۾ حاضر ٿيا، پاڻ ڪريمن

---

[1]…سيدی قطبِ مدينہ، صفحہ:8-10 ملتقطاً بتصرف۔

[2]…وسائلِ بخشش، صفحہ:306 ۔

صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اِستقبال ڪندي فرمايو: مَرْحَبًا اَحْسَنُ النَّاسِ وُجُوْهًا وَ اَطْيَبُهُمْ اَفْوَاهًا وَ اَعْظَمُهُمْ اَمَانَةً خوش آمديد...!! ڪيترن سهڻن چهرن وارا، پاڪيزه واتن وارا ۽ امانتداري ۾ نهايت عظمت وارا ماڻهو آيا آهن.[1]

حضرت اُمِّ هاني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْها فرمائن ٿيون: هڪ ڀيري مان بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيس، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَرْحَبًا بِاُمِّ هَانِئٍ يعني اُمِّ هاني کي خوش آمديد...!![2]

## اڄڻ واري کي چادر عطا فرمائي

حضرت جَرير بن عبد الله رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ صحابيءِ رسول آهن، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هڪ ڀيري سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيا، ان وقت پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي مبارڪ حُجري ۾ تشريف فرما هئا، ڪيئي صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُم به حاضر هئا، ايستائين جو حُجرو مبارڪ ڀرجي ويو، وڌيڪ ڪنهن جي ويهڻ جي جڳهه باقي نه هئي، حضرت جرير بن عبد الله رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ به اچي ويا، جڳهه ته هئي ڪونه، تنهنڪري پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ دروازي تي ئي ويهي رهيا، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ان کي ڏٺو ته ڪرم جو دريا جوش ۾ آيو، (الله! الله! حَضرت جرير رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي قسمت جاڳي پئي)، پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن پنهنجي چادر مبارڪ ويڙهي ڪري حضرت جرير رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ڏانهن اڇلائي فرمايائون: اي جرير! هيءَ چادر وڇائي هن تي ويهي رهو...![3]

واه! سُبْحٰنَ الله! ڇا ته اخلاق آهن، ڇا ته ڪرم وارو انداز آهي، صحابي آهن

---

[1]... معجم ڪبير، جلد:6، صفحه:136، 137، حديث:12774۔

[2]...بخاری، کتاب الصلاة، باب الصلاة فی الثوب الواحد ملتحفا به، صفحه:163، حديث:357۔

[3]...معجم اوسط، جلد:4، صفحه:75، حديث:5261۔

بلڪ هيئن ڪٺي چئجي تہ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا شاگرد آهن، سيئي صحابہ رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا غلام، جان نثار ۽ شاگرد آهن. غور فرمايو! پنهنجي صحابي جو ڪيڏو پيارو استقبال ڪيو پيو وڃي، نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم محفلِ پاڪ ۾ هئا، چئني پاسي صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهم حاضر آهن، هن ڪيفيت ۾ بہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بهترين استقبال فرمايو، پنهنجي صحابي کي چادر عطا فرمائي.

هي حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪرم نوازي هئي جو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي چادر مبارڪ وڇائي ڪري ويهڻ جي لاءِ عطا فرمائي، صحابہءِ ڪرام جو عشق ۽ ادب هن ڳالھ کي ڪيئن پسند ڪري سگهيو پئي، جيئن تہ حضرت جرير رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه ان چادر مبارڪ کي ڪنيو ۽ پنهنجي منهن تي مَليو، پوءِ ان کي چُمي ڪري ادب سان پاڻ وٽ رکي ڇڏيائون.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي استقبال جا سُنا طريقا آهن، اڄڪلھ اسان وٽ هي انداز گهٽ ٿيندا پيا وڃن، اچڻ واري کي چڱي انداز سان ڀلي ڪار چوڻ بہ ڪنهن ڪنهن کي ايندو آهي،عام طور ماڻهو بس ائين ئي بنا مُسڪراهٽ جي، بنا توجھ جي سلام ڪندا آهن بلڪ هاٿي سلام بہ ڪتي، مڙئي هٿن جون ڪجھ آڱريون ملايون وينديون آهن. ***Welcoming*** (يعني اچڻ واري جو استقبال ڪرڻ) بہ هڪ پورو موضوع آهي ۽ اڄڪلھ معاشري کي هن جي تمام گهڻي ضرورت آهي، ماڻهن کي چڱو استقبال ڪرڻ بہ ناهي ايندو. هي اسان کي سکڻ گهرجي، جڏهن بہ ڪو اسان وٽ اچي، چڱي انداز ۾ مُسڪرائي ڪري، چهري تي خوشي جا آثار ڏيکاري ڪري، بهترين الفاظ سان، اڳتي وڌي ڪري استقبال ڪيون، هي بہ هڪ نيڪي آهي.

---

[1]... مستدرڪ، جلد:5، صفحہ:415، حديث:7861۔

## چڱو استقبال بہ نيڪي آهي

**پياري آقا،** مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڪنهن نيڪي کي ننڍو نہ سمجهو! بيشڪ پنهنجي (مسلمان) ڀاءُ سان مُسڪرائي ڪري ڳالهائڻ بہ نيڪي آهي.[1] **هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي:** پنهنجي (مسلمان) ڀاءُ سان مرڪندڙ چهري سان ملڻ بہ نيڪي آهي.[2]

الله پاڪ اسان کي هن جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## قطبِ مدينہ جو عشقِ رسول

**پيارا اسلامي ڀائرو!** حضرت سيدي قطبِ مدينہ رحمةُ اللّٰهِ عَلَيْهِ کي تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان جُنون جي حد تائين عشق هو بلڪ هي چوڻ بہ بلڪل درست هوندو تہ سندن فَنا فِي الرسول جي اعليٰ منصب تي فائز هئا، ❁ڏينهن رات ذڪرِ مُصطفيٰ ئي ڪندا رهندا هئا، ❁اڪثر زيارت جي لاءِ اچڻ واري کان پڇندا هئا: اوهان نعت شريف پڙهندا آهيو؟ جيڪڏهن اهو ها چوندو هو تہ ان کان نعت ٻڌندا ۽ خوب لطف حاصل ڪندا هئا. ❁ڪيئي ڀيرا نعتِ پاڪ ٻڌندي ٻڌندي اکين مان لڙڪ جاري ٿي ويندا هئا، سڄو سال ئي روزانو رات جو سندن آستاني تي ميلاد جي محفل ٿيندي هئي، جنهن ۾ ❁مدني❁ترڪي❁پاڪستاني❁شامي❁مصري❁افريقي❁سوڊاني❁ سڄي دنيا مان آيل زائرين(زيارت جي لاءِ آيل) شرڪت ڪندا هئا.[3]

## هنن کان ڦري ڪري ڪيڏانهن ويندؤ؟

**ڪڏهن ڪڏهن** هيئن بہ ٿيندو هو تہ جڏهن ڪو زائِر(زيارت لاءِ آيل) مدينو شريف ڇڏي ڪري گهر واپس وڃڻ لڳندو هو تہ اچي ڪري عرض ڪندو هو:

---

[1]…مسلم، كتاب البر والصلة ، باب استحباب طلاقة الوجه...الخ، صفحه:1014، حديث:2626۔

[2]…مسند امام احمد، مسند جابر بن عبدالله، جلد:6، صفحه:160، حديث:15088۔

[3]…سيدى قطبِ مدينه، صفحه:11۔

مان وداع جو سلام عرض ڪري آيو آهيان (يعني مان رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ الوداعي سلام پيش ڪري آيو آهيان). سيدي قطبِ مدينہ رحمةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِ اصلاح ڪندي فرمائيندا ها: هنن کان جُدا ٿي ڪري ڪيڏانهن ويندؤ؟ بارگاهِ رسالت ۾ هيئن عرض ڪندا ڪريو: اَلْاَمَانْ يَارَسُولَ اللّٰهِ! اَلْحَفِيْظ يَارَسُولَ اللّٰهِ! اَلْمَدَدْ يَارَسُولَ اللّٰهِ! اَلْغِيَاث يَارَسُولَ اللّٰهِ![1]

## اوهان کان منهن لِڪايان ته ڪنهن جي سامهون ڪيان

هڪ ڀيري فرمايائون: مرزا (شڪور بيگ حيدرآبادي) صاحب چون ٿا:

| | |
|---|---|
| نہ کوئی عمل ہے سنانے کے قابِل | نہ مُنہ ہے تمہارے دکھانے کے قابِل |

پر اسان جا اعليٰ حضرت رحمةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِ فرمائن ٿا:

| | |
|---|---|
| تجھ سے چُھپاؤں مُنہ تو کروں کس کے سامنے | کیا اور بھی کسی سے توقع نظر کی ہے |

وضاحت: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مان گناهگار آهيان، خطاڪار آهيان، بالفرض جيڪڏهن شرم جي ڪري اوهان کان منهن لِڪائي بہ ڇڏيان تہ ڪنهن جي طرف ڪندُس، اوهان کانسواء ڪير آهي جو جنهن کان ڪرم جي اميد لڳائي سگهان ٿو؟

هي شعر پڙهي ڪري قُطبِ مدينہ رحمةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِ فرمايو: هنن جي دامنِ ڪرم ۾ لِڪي تہ سگهون ٿا پر هنن کان منهن لِڪائي ڪري ڪيڏانهن وڃي سگهون ٿا؟ ۽ ڪيئن ٿا لِڪائي سگهون؟ جڏهن تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هٿ جي ترريءَ تي ڪائنات کي بلڪل واضح ڏسي رهيا آهن.[2]

---

1… سيدى ضياء الدين احمدالقادرى ، جلد:1، صفحه:615۔

2… سيدى ضياء الدين احمدالقادرى ، جلد:1، صفحه:618۔

## قطبِ مدينہ رحمۃ اللہ علیہ جي عشق پريون ادائون

۞سيدي قُطبِ مدينہ رحمۃُ اللهِ عَلَيۡهِ جي هي ڪرامت هئي جو جڏهن ڪو سيد صاحب تشريف وٺي ايندو، جيتوڻيڪ انهن سان پهريان واقفيت نہ بہ هوندي هئي، تڏهن بہ سندن سجاڳي وننڊا هئا تہ هي سيد آهن، انهن جو خوب ادب ڪندا، هٿ بہ چمندا هئا.(1) مصطفيٰ جي نالي جو نهايت ادب فرمائيندا هئا، مصطفيٰ نالي سندن هڪ خادم هو ۽ هوبہ ننڍي عمر جو، سندن عادت هئي، انهن کي جڏهن بہ سڏيندا هئا تہ ياسيدي مصطفيٰ چئي ڪري سڏيندا هئا.(2) هڪ ڀيري سندن شهزادي ان خادم کي ڪنهن وجهہ سان ڪم تان ڪڍي ڇڏيو، جڏهن قُطبِ مدينہ رحمۃُ اللهِ عَلَيۡهِ کي ان جي خبر پئي تہ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان خادم کي گهرايو ۽ صرف ان جي نالي جو ادب ڪندي فرمايائون: ياسيدي مصطفيٰ توهان ڪم تہ ڇڏي رهيا آهيو، البت هر مهيني اچي ڪري پنهنجي پگهار مون وٽان ڪٺي ويندا ڪجو.(3)

سُبۡحٰنَ الله! ڇا تہ شان آهي...!! هن مان اندازو لڳايو! صرف نالي پاڪ جو ايترو ادب آهي تہ سيدي قطبِ مدينہ رحمۃُ اللهِ عَلَيۡهِ خود سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪيترو ادب ڪندا هوندا.

سيدي قُطبِ مدينہ رحمۃُ اللهِ عَلَيۡهِ جي هيءَ بہ عشق پري ادا هئي جو جيڪڏهن ڪو مالدار ڪين گهر گهرائيندو هو تہ فرمائيندا هئا: مان پنهنجي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي در تي پيو آهيان، منهنجا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ منهنجي لاءِ ڪافي آهن. ويني ويني ٽڪرو ڏيندا آهن، تمام پلو ڏيندا آهن، ڪائيندو آهيان ۽ ڊؤ ڪري

---

[1]... سيدی ضياء الدين احمدالقادری،جلد:1،صفحہ:637، 638 مختصراً۔

[2]... سيدی ضياء الدين احمدالقادری،جلد:1،صفحہ:640 ، 641 ماخوذاً۔

[3]... سيدی ضياء الدين احمدالقادری،جلد:1،صفحہ:641 ۔

www.dawateislami.net

ڪائيندو آهيان.(1) سيدي قُطبِ مدينه رحمةُ اللهِ عَلَيْهِ وفات جي آخري ڏينهن ۾ ڪجھ به نه ڪائيندا هئا جڏهن هي عرض ڪيو ويندو هو ته ڪير ۽ ماڪي نبي پاڪ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي نهايت پسند هئا. ته فرمائيندا هئا: اڇا: ڪٽي اچو، پوءِ چند ڍڪَ نوش فرمائيندا هئا. (2) جڏهن ڪو مديني پاڪ ۾ فوت ٿيندو هو ۽ سندن اطلاع ڏنو ويندو هو ته حضرت فلاڻي جو انتقال ٿي ويو آهي انهن کي بقيع ۾ دفنايو ويو آهي ته پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه يڪدم هٿ ڪٽندا ۽ مرڻ واري جي لاءِ دعا ڪندا ۽ فرمائيندا هئا الله پاڪ اسان کي به ان سان ملائي ڇڏي.(3)

| | |
|---|---|
| غرقِ عشقِ مصطفےٰ، قطبِ مدینہ طیبہ | فیض کا اِک سلسلہ، قطبِ مدینہ طیبہ |
| محفلِ نعت ان کے ہاں ہر روز ہوتی منعقد | مہتمم ہوتے سدا، قطبِ مدینہ طیبہ |
| ساکنِ شہرِ مدینہ، مرکزِ مہر و وَفا | مصدرِ حلم و حیا، قطبِ مدینہ طیبہ(4) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## قُطبِ مدينه راز سڃاڻي ورتو

**هڪ ڀيري سيدي** قُطبِ مدينه رحمةُ اللهِ عَلَيْهِ وٽ ميلاد شريف جي محفل هئي، حيدرآباد (هند) جا هڪ مشهور شاعر مرزا شڪور بيگ به حاضر هئا، انهن پنهنجي ئي لکيل هڪ نعت شريف پڙهي، ان جي آخري شعر جو مفهوم ڪجھ هن طرح هيو: مرزا ۾ ڪجھ خوبي ته آهي، جنهن جي وجھ سان سرڪار صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ هر سال هن کي مديني گهرائي وٺندا آهن.

مرزا صاحب هيءَ نعت پڙهي، وقت گذري ويو، هاڻي الله جو ڪرڻ ڪجھ

---

1 ... سيدی ضياء الدين احمدالقادری،جلد:1، صفحه:610۔

2 ... سيدی ضياء الدين احمدالقادری،جلد:2، صفحه:241۔

3 ... سيدی ضياء الدين احمدالقادری،جلد:1، صفحه:616۔

4 ... سيدی ضياء الدين احمدالقادری،ج 1،ص534ماخوذا

هن طرح ٿيو جو اهي ئي مرزا شڪور صاحب جيڪي هر سال حاضر ٿيندا هئا، هاڻي 2، 3 سال گذري ويا، حاضري جو ڪو سبب نہ بڻجي سگهيو، ڏاڍا پريشان ٿيا، حاضري کان محروم ڇو آهيان، ڪا سمجهہ نہ اچي رهي هئي، آخر قُطبِ مدينہ رحمةُ اللهِ عَلَيۡهِ جي خدمت ۾ پيغام موڪلي ڪري عرض ڪيائون: سائين! ڏاڍو بيقرار آهيان، دعا فرمايو! حاضري ٿي وڃي!

سيدي قُطبِ مدينہ رحمةُ اللهِ عَلَيۡهِ تہ الله پاڪ جا ڪامل ولي آهن، الله پاڪ جا ڪامل ولي انهن رازن کي بہ سمجهندا آهن، جن ڏانهن عام ماڻهن جي توجهہ بہ ناهي ويندي، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مرزا صاحب کي انهيءَ شعر جي طرف توجهہ ڏياري. هاڻي مرزا صاحب کي معلوم ٿيو تہ مون ڇيو هو: مان هر سال مديني ايندو آهيان، هي منهنجو ڪمال آهي. انهن هن کان توبهہ ڪئي. الله پاڪ جو ڪرم ڏسو! ايندڙ سال وري حاضري جي سعادت ملي وئي.

هن ڀيري مرزا صاحب سيدي قُطبِ مدينہ رحمةُ اللهِ عَلَيۡهِ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، نعت شريف پڙهي ۽ ان جي آخري شعر ۾ چيائين:

ہر سال بُلانے میں ہے راز یہی مِرزا | سرکار جگاتے ہیں تقدیر کمینے کی[1]

صَلُّوۡاعَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## عاجزي اختيار ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هي نهايت سمجهڻ واري ڳالهہ آهي، ٻناڪَ(ڏاڙيون) هڻڻ ڪڏهن ڪڏهن ڳچي ۾ پئجي ويندو آهي، ڪنهن عاشق ڇيو آهي:

اُچّے بَول نہ بَول ظُہُوری، ربّ دے بندے کہہ گئے نے
نِیویں پا کر ٹُرِدیاں رہنا چَنگا لگدا اے

وضاحت: يعني اي ظهوري الله پاڪ جا نيڪ ٻانها چئي ويا آهن تہ

---

[1]… سیدی ضیاء الدین احمدالقادری،جلد:1، صفحہ:619۔

ٻَتاڪَ(ڊاڙيون) نہ هٽو: بَس عاجزي سان مٿو جهڪائي هلڻ ئي چڱو لڳندو آهي.

اسان ڪي ڪڏهن بہ ٻَتاڪَ نہ هٽڻ گهرجن، بس عاجزي ڪيون، الله ۽ رسول جا عاجز ٻانها بڻجي ڪري رهون، انهيءَ ۾ عافيت آهي، انهيءَ ۾ ڀلائي آهي، جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي سامهون مٿو مٿي ڪندو آهي، ڀيهر اهو مٿي ڪڻڻ جي لائق ناهي رهندو.

## باطني اسباب تي بہ غور ڪندا ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان هڪ اهم ڳالهہ جيڪا سکڻ جي آهي، اها هي آهي تہ اسان جي❁مشڪلاتُن❁پريشانين❁۽ ناڪامين جو سبب هميشہ ظاهري ئي هجي، هي ضروري ناهي،❁مشڪلاتون❁پريشانيون❁ناڪاميون ڪجهہ باطني سببن سان بہ اينديون آهن. اسان وٽ عام طور تي ان ڏي توجهہ ناهي ڪئي ويندي، اڄ هر ڪو ماڻهو پريشان نظر ايندو آهي، پريشاني جي وجهہ پڇو❁تہ ڪو چوندو: مهانگائي گهڻي آهي❁ڪو چوندو: فلاڻي جي ڪري هيئن ٿي ويو❁ڪو چوندو: حڪومت چڱي ناهي❁ڪو چوندو: عوام صحيح ناهي. هر هڪ جي پنهنجي راءِ آهي پر❁هي ڪير بہ غور ناهي ڪندو تہ مون فجر جي نماز نہ پڙهي هئي ان ڪري پريشاني آئي آهي❁هي ڪوبہ ناهي سوچيندو تہ قرآنِ ڪريم کان بي رغبتي وڌي رهي آهي، ان ڪري مسائل ٿي رهيا آهن❁هي ڪوبہ نہ سوچيندو تہ رشتو ٽوڙڻ عام ٿي رهيو آهي❁بدڪاريون وڌي رهيون آهن❁بي حيائي عام ٿي رهي آهي❁مسجدون ويران پيون آهن، هي بہ ناڪامين جا اسباب آهن، هي بہ بي برڪتي جا اسباب آهن، جيڪڏهن اسان هنن باطني سببن تي غور ڪيون ۽ انهن کي حل ڪرڻ شروع ڪري ڏيون تہ يقين ڪيو! اسان جون پريشانيون ختم ٿي سگهن ٿيون. ڊاڪٽر اقبال چيو هو:

سبب کچھ اَور ہے، جسے تُو خُود سمجھتا ہے | زوال آدمِ خاکی کا بےزَرِی سے نہیں(1)

---

1... کلیات اقبال(اردو)، ضربِ کلیم، صفحہ:532۔

يعني ناڪامين جو سبب صرف هيءُ ئي ناهي تہ۞مهانگائي گهٽي آهي۞روزگار ناهي۞ڪردار بگڙجي ويا۞وڏن جو احترام نہ رهيو۞ننڍن تي شفقت نہ رهي۞غريب جي خبر نہ رهي۞پنهنجن جو احساس نہ رهيو۞نماز، روزي جو فڪر نہ رهيو۞الله ۽ رسول جي احڪامن تي توجهه نہ رهي، هي بہ اسان جي ناڪامين جا اسباب آهن، هنن تي بہ غور ڪرڻ گهرجي.

چوڻ جو مقصد هي آهي تہ جڏهن ڪا پريشاني اچي، ڪا مشڪل اچي، ڪنهن ڪم ۾ ناڪامي اچي رهي هجي تہ ان جي حل لاءِ سنئي تشخيص ڪريو، مسئلي جي پاڙ تائين پهچو، جڏهن ڊاڪٽر سنئي تشخيص ڪري وٺندو آهي تہ دوا اثر ڪندي آهي. تنهنڪري مشڪلات، مصيبت، ناڪامي وغيره جي اندروني سببن تي غور ڪرڻ جي عادت اختيار ڪريو! ان سان اسان معاملي جي پاڙ تائين پهچي سگهنداسين، جڏهن معاملي جي پاڙ تائين پهچي وينداسين تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! ان جو حل بہ نڪري ايندو.

هڪ دفعي پير مِهر علي شاهہ صاحب رحمۃُ اللهِ عَلَيْهِ سفر ۾ هئا تہ مغرب جي نماز جو وقت ٿيو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايائون: سج غروب تي رهيو آهي، نماز ادا ڪئي وڃي. ڊرائيور عرض ڪيو: اسان جلد ئي فلاڻي جاءِ تي پهچي وينداسين، تنهنڪري اسان ڪي اتي نماز پڙهڻ گهرجي (چاڪاڻ تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سفر ۾ هئا، جماعت واجب نہ هئي، تنهنڪري) سندن خاموش رهيا. ڪجهہ اڳتي هليا تہ اوچتو گاڏي اونڌي ٿي پئي. الحمدللہ! ڪو بہ جاني نقصان نہ ٿيو، پر معمولي زخمي ٿيا. ان موقعي تي پير مِهر علي شاهہ صاحب رحمۃ اللہ عليه فرمايو: مون نماز ۾ بغير ڪنهن سبب جي دير ڪئي، هيءَ تڪليف انهيءَ سبب جي ڪري آهي.[1]

ناڪامين، بي برڪتن، پريشانين جا هي بہ اسباب هوندا آهن، جن تي اسان توجهہ ناهيون ڪندا. الله پاڪ اسان کي سوچڻ سمجهڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن

---

[1]... مهرِ منير، صفحه: 325۔

بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

## قُطبِ مديني جي غيبت کان نفرت

پيارا اسلامي ڀائرو! سيدي قطبِ مدينہ رحمة الله عليه جو ھڪ پيو بہ نھايت ئي پيارو وصف ھو جو سندن غيبت کان تمام گھڻي نفرت ڪندا ھئا. ڪنھن جي غيبت ڪرڻ يا ٻڌڻ سندن ڪي بلڪل بہ پسند نہ ھو، سندن سامھون جيڪڏھن ڪو ڪنھن جي غيبت ڪندو ھو تہ ڪين فوراً ان جي اصلاح فرمائيندا ھئا.

ھڪ دفعي ھڪ زيارت ڪندڙ (يعني مديني ۾ اچڻ وارو عاشق رسول) سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پڇيائون: توھان ڪٿان جا آھيو؟ عرض ڪيائين: پاڪپتن جا. فرمايائون: ڀلي ڪري آيا! ڀلي ڪري آيا! پاڪپتن ڪي حضرت (بابا فريدُ الدّين مسعود) گنج شکر رحمة الله عليه جي نسبت پاڪپتن شريف ٻڌائي ڇڏيو آھي. ھاڻي پاڪپتن شريف جو ڪو شخص ھو، سندن ان بابت پڇندي فرمايائون: فلاڻي صاحب جو ڪھڙو حال آھي؟ ھاڻي ان ملاقاتي چيو: اھي تہ ڪتا وڙھائي رھيا آھن (يعني ڪتن جي ويڙھ ڪرائيندا آھن). سو سيدي قطب مدينہ رحمة الله عليه فوري طور تي درود شريف پڙھيو، پوءِ ھٿ مٿي ڪري ان صاحب جي لاءِ دعا گھري، پوءِ فرمايائون: انھن ڏاڙھي ڪٽائڻ ڇڏي ڏني آھي، ڪتا وڙھائڻ بہ ڇڏي ڏيندا. پوءِ ان زيارت ڪندڙ شخص جي اصلاح ڪندي فرمايائون: غيبت جي بدران دعا ڪيو ھا تہ توھان جي لاءِ چڱو ھو.[1]

سُبْحٰنَ الله! ھي آھن الله پاڪ جا نيڪ ٻانھا...!! ڪھڙو نہ پيارو اخلاق آھي، ڪھڙو نہ پيارو انداز آھن، ڀيريان ھي ڏسو تہ! سندن پنھنجي سڃاڻڻ وارن جي خير خيريت پڇندا رھندا ھئا، ھي بہ ھڪ پياري ادا آھي، وري اصلاح جو انداز ڪھڙو پيارو آھي، سندن دعا فرمائي، پوءِ الله پاڪ جي رحمت ۾ اميد لڳائي تہ

[1] ...سيدی ضياء الدين احمد القادری، جلد:1، صفحہ:614، 615ملخصاً.

ان صاحب ڏاڙهي ڪٽائڻ جو گناهہ چڏي ڏنو آهي تہ بيا فضول ڪم بہ چڏي ڏيندا ۽ غيبت ڪرڻ واري جي اصلاح ڪئي تہ ڪنهن جي بُرائي ڏسو تہ ان کي ڦهلائڻ، ان جي غيبت ڪرڻ جي بدران، ان جي حق ۾ دعا ڪندا ڪريو! هي توهان جي لاءِ بهتر آهي.

ڪاش اسان جو بہ هي ذهن بڻجي وڃي، هاڻي تہ مَعَاذَ الله! هر پاسي ڪوڙ، غيبت، چغلي، ڪوڙ، غيبت چغلي، پورو معاشرو انهن گناهن جي سيلاب ۾ آيل آهي، ڪاش! اسان سڀني جو هي ذهن بڻجي وڃي تہ اسان کي نہ غيبت ٻُڌڻي آهي، نہ ئي ڪنهن جي غيبت ڪرڻي آهي.

## سينن سان لٽڪيل ماڻهو

سرڪارِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: معراج واري رات مان اهڙين عورتن ۽ مَردن وٽان گذريس جيڪي پنهنجي سينن سان لٽڪي رهيا هئا، مون پڇو: اي جبريل! هي ڪهڙا ماڻهو آهن؟ عرض ڪيائين: هي منهن تي عيب ڪڍڻ وارا ۽ پريُٺ بُرائي (يعني غيبت) ڪرڻ وارا آهن. (1)

| | |
|---|---|
| مجھے غیبتوں سے بچا یاالٰہی! | گناہوں کی عادت چُھڑا یاالٰہی! |
| پئے مُرشدی دے مُعافی خدایا | نہ دوزخ میں مجھ کو جلا یاالٰہی! |

## غيبت ٻڌڻ بہ حرام آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هن ۾ تہ ڪو شڪ ناهي تہ معاشري ۾ غيبت تمام گهڻي وڌي چڪي آهي، پر اسان گناهہ جي ايڏي وڏي سيلاب کي روڪي سگهون ٿا، جيڪڏهن اسان پنهنجو هي ذهن پڪو بڻايون تہ مونکي غيبت ناهي

---

1... شُعَبُ الْاِيمان ، باب فی تحريم اعراض الناس، جلد:5، صفحہ:309، حديث:6750۔

ٻڌڻي، يقين ڪيو! اسان غيبت ٻڌڻ ڇڏي ڏيون ته ڪرڻ وارا ڪرڻ ڇڏي ڏيندا. حديثِ پاڪ ۾ آهي: الله پاڪ جي سڀ کان آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ڳانو ڳائڻ ۽ ڳانو ٻڌڻ کان، غيبت ڪرڻ ۽ غيبت ٻڌڻ کان ۽ چغلي ڪرڻ ۽ چغلي ٻڌڻ کان منع فرمايو.[1]

علامه مَناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: غيبت ٻڌڻ وارو به غيبت ڪرڻ وارن مان هڪ هوندو آهي.[2]

## غيبت ۾ شريڪ ٿيڻ جا مختلف انداز

افسوس! جيئن اسان وٽ غيبت عام آهي، اهڙي طرح غيبت ٻڌڻ وارن ۽ ان ۾ شريڪ ٿي ڪري گناهگار ٿيڻ وارن جي به گهٽتائي نه آهي غيبت ٻڌي ڪري خوش ٿيڻ ❁ ٿهڪ ڏيڻ ❁ انهن ڏانهن توجه سان ڪن لڳائڻ ❁ دلچسپي سان ٻڌڻ ❁ دلچسپي سان ها، هون وغيره آواز ڪڍڻ اسان وٽ عام آهي، ان سان غيبت ڪرڻ واري کي حوصلو ملندو آهي ۽ اهو وڌيڪ غيبت ڪرڻ لڳندو آهي. امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکيو آهي: غيبت جي گناه ۾ ائين شريڪ ٿيڻ به غيبت آهي، هي به ائين ئي گناه آهي جيئن خود غيبت ڪرڻ گناه آهي.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! غيبت ۽ ان جا مختلف احڪام ڄاڻڻ جي لاءِ شيخ طريقت اَمِيرِ اهلسنّت، حضرتِ علّامه مولانا محمد الياس عطّار قادِري دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي تمام پياري ڪتاب ”غيبت جون تباه ڪاريون“ مڪتبة المدينه کان حاصل ڪيو يا دعوت اسلامي جي ويب سائٽ تان ڊائون لوڊ ڪيو، پاڻ به مطالعو ڪيو ۽ ٻين کي به هن جي ترغيب ڏياريو. الله پاڪ اسان کي غيبت جي گناه کان محفوظ فرمائي. اٰمين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِیّین صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم

---

[1]… جامع صغير، صفحه:560، حديث:9378۔

[2]… فيضُ القدير ، جلد:3، صفحه:612، زيرِ حديث:3969۔

[3]… احياء علوم الدين، ڪتاب أفات اللسان، الافة الخامسةعشرة الغيبة، جلد:3، صفحه:180 ماخوذاً۔

تو غیبت کی عادت چھڑا یاالٰہی! | بُری بیٹھکوں سے بچا یاالٰہی!
ہو بیزار دل تہمتوں چغلیوں سے | مجھے نیک بندہ بنا یاالٰہی!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قطبِ مدينہ ڏاڙهي رکرائي

پيارا اسلامي ڀائرو! سيدي قطبِ مدينہ رحمة الله عليه جي پيارن پيارن اوصاف مان هڪ وصف هي بہ آهي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه موقعي جي اعتبار سان نيڪي جي دعوت ڏيندا رهندا هئا، ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ، گناهن کان منع ڪرڻ، سندن روزانو جو معمول هو.

عارف قادري ضيائي سندن مُريد آهن، چون ٿا: هڪ ڏينهن مان سيدي قطبِ مدينہ رحمة الله عليه جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، سندن هڪ حديثِ پاڪ ٻڌائيندي فرمايائون: هڪ دفعي 2 شخص حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. جڏهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي انهن جي اطلاع ملي تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاقات جي لاءِ گهران ٻاهر تشريف وٺي آيا. انهن جون ڏاڙهيون ڪٽيل هيون ۽ مُڇون وڌيون وڌيون هيون، ڏسندي ئي چهرو مبارڪ ڦيري ورتائون ڇاڪاڻ تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي انهن کي ڏسڻ سان نفرت ٿي رهي هئي. ٻيو ڀيرو انهن جي التجاء تي چهرو مبارڪ انهن ڏانهن ڪندي ئي وري ڦيري ورتائون، ٽيون ڀيرو جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن ڏانهن توجه فرمائي تہ هٿ مبارڪ سان انهن جي چهرن ڏانهن اشارو ڪيو ۽ فرمايائون: وَيْلَكُمَا مِن أَمْرِ كُمَا بِهَذَا توهان جو بُرو ٿئي، ڪنهن توهان کي هي ڪرڻ (يعني ڏاڙهي ڪٽائڻ ۽ مڇون وڌائڻ) جو حڪم ڏنو آهي؟ انهن چيو: ڪِسريٰ (ناڻي اسان جي بادشاهہ). رسولِ پاڪ، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: لٰكِنْ رَبِّيْ اَمَرَنِيْ بِاِعْفَاءِ لِحْيَتِيْ وَ قَصِّ شَوَارِبِيْ يعني منهنجي رب مونکي ڏاڙهي وڌائڻ ۽ مُڇون ننڍيون ڪرڻ جو حڪم ڏنو

آهي.[1]

ان کان بعد مون (عارف قادري) کي مخاطب ڪندي فرمايائون: عارف! منهنجي ويجهو ته ڏاڙهي واجب ڪان به ڪجهه مٿي آهي. عارف قادري چون ٿا: مون انهيءَ ڏينهن تازي تازي ڏاڙهي ڪترائي هئي، سندن فرمان ٻڌي ڪري ڏاڍي شرمندگي ٿي، جسم پگهر سان پُسي ويو، دل تي خوفِ خُدا جو غلبو هو، زبان مان ڪجهه ڳالهائي نه پئي سگهيس، مون دل ئي دل ۾ ڏاڙهي ڪٽائڻ کان توبهه ڪري ورتي.

عارف قادري چون ٿا: صبح جو مونکي هڪ سفر تي وڃڻو هو، مون گاڏي ۾ دوستن مائٽن کي هي واقعو ٻڌايو ته انهن مان به 4 ماڻهن ڏاڙهي ڪٽائڻ کان توبهه ڪري ورتي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو: ڏاڙهي ڪٽائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽائڻ ٻئي حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم آهن.[3] افسوس! هي گناهه ته معاشري ۾ نهايت ئي عام آهي ۽ هن جو سبب ڇا آهي؟ صرف فيشن پرستي. ڪاش! اسان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون پياريون پياريون سنتون اپنايون، ڏاڙهي به رکون، زلف به رکون، اسان جي خوش نصيبي جو عمامو ٻڌڻ به نصيب ٿي وڃي، ڪاش! گناهن کان نفرت ۽ نيڪين سان محبت ملي وڃي.

اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ لکن ٿا: ڪوئٽه جي هڪ ويجهي ڳوٺ ۾ ڪنهن ڏاڙهي ڪوڙيل نوجوان جو لاوارث لاش مليو. ضروري ڪاروائي کان بعد ماڻهن گڏجي ان کي دفنائي ڇڏيو. ايتري ۾ مرحوم جا وارث ڳولها ڪندي اچي ويا ۽ انهن ماڻهن جي سامهون پنهنجي هن خواهش جو اظهار ڪيو ته اسان هن پنهنجي رشتيدار جي قبر پنهنجي ڳوٺ ۾ ناهڻ چاهيون ٿا. جيئن ته قبر تان مٽي کوٽي ڪري هٽائي وئي ۽ جڏهن

---

[1]... دلائل النبوه للاصبہانی، الفصل السابع عشر...الخ، صفحہ:207، رقم:241۔

[2]... سیدی ضیاء الدین احمد القادری، جلد:1، صفحہ:777-779 ملخصاً۔

[3]... فتاویٰ رضویہ ، جلد:22، صفحہ:581۔

چهري واري سِرَ هٽائي وئي تہ هي ڏسي ڪري ماٺهن جون دانهون نڪري ويون تہ هاڻي جنهن نوجوان کي دفن ڪيو ويو هو ان جي چهري تي ڪاري ڏاڙهي بڻيل آهي ۽ اها ڏاڙهي ڪارن وارن جي نہ بلڪ ڪاري وڇُن جي آهي. هي ديڄاريندڙ منظر ڏسي ڪري ماڻهو استغفار پڙهڻ لڳا ۽ جيئن تيئن قبر بند ڪري خوف زده ٿي ڪري موٽي ويا. (1)

اَلْاَمَان وَالْحَفِيظ! الله پاڪ اسان کي خوفناڪ انجام کان محفوظ فرمائي.اٰمِیْن بِجَاهِ

خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

سرکار کا عاشق بھی کیا داڑھی منڈواتا ہے | کیوں عشق کا چہرے سے اظہار نہیں ہوتا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## غائبانہ هستين جي آمد

حضور سيدي قطبِ مدينہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه تي وصال کان 2 مهينا پهريان ڪجھ عجيب ڪيفيت طاري هئي، ڪڏهن ڪڏهن باربار فرمائيندا هئا: اچو! منهنجا سائين! تشريف وٺي اچو! هڪ ڀيري حاضرين ڏٺو تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هٿ ٻڌي ڪري ڪنهن کي عرض ڪري رهيا آهن: مونکي معاف فرمائي ڇڏيو! ڪمزوري جي ڪري مان تعظيم جي لاءِ اٿي نہ ٿو سگهان. حاضرين جي پڇڻ تي فرمايائون: هاڻي حضرت خضر عَلَيۡهِ السَّلَام، حضور سرڪارِ بغداد غوثِ اعظم رحمة الله عليه ۽ منهنجا پير و مرشد امام احمد رضا خان رحمة الله عليه تشريف وٺي آيا هئا. (2)

## وصال شريف ۽ ملائڪن جو جنازو

...[1] ڪالے بچهو، صفحہ:1-2۔

...[2] سيدی قطبِ مدينہ، صفحہ:16، 17۔

4 ذو الحج، 1401ھ (بمطابق 10 فيبروري، 1981ء) جمعي جي ڏينهن مسجدِ نبوي شريف جي مؤذِن جڏهن الله اڪبر، الله اڪبر چئي ڪري اذان شروع ڪئي، ان سان گڏوگڏ ئي سيدي قطبِ مدينہ رحمة الله عليه ڪلمو شريف پڙهيو ۽ ڪين روح پرواز ڪري ويو. غسل شريف کان بعد ڪفن وڇائي ڪري مٽي مبارڪ جي هينان پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سنهري جارين جي اندروني حصي جي مٽي مبارڪ رکي وئي ۽ مختلف تبرڪات رکيا ويا، پوءِ ڪفن شريف ٻڌو ويو. عصر جي نماز کان بعد قصيده بُرده شريف جي جهونگار ۾ جنازو مبارڪ کنيو ويو.

عاشق کا جنازہ ہے ذرا دھوم سے نکلے
محبوب کی گلیوں میں ذرا گھوم کے نکلے

آخرڪار بي شمار سوڳوارن جي موجودگي ۾ بقيع پاڪ ۾ شهزاديءِ ڪونين سيّده فاطمةُ الزهرا رَضِيَ اللهُ عَنْها جي مزار شريف کان صرف 2 گزن جي فاصلي تي دفن ڪيو ويو. الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.[1]

عشق کا پیکر شَرع کا پاسباں جاتا رہا — منزلِ مقصود کا روشن نشاں جاتا رہا
روتے ہیں چھوٹے بڑے، ان کا دُعا گو چل بسا — اہلِ سنّت کا کفیل اور پاسباں جاتا رہا
وہ رہا تو برکتیں ہی برکتیں تھیں بزم میں — وہ گیا تو برکتوں کا اِک جہاں جاتا رہا
گھس نہ آئے کارواں میں اِختلاف و اِنتشار — ہو الٰہی خیر، میر کارواں جاتا رہا
وہ کہ جو اوروں کے غم میں دل سے ہوتا تھا شریک — وہ کہ جس کی تھی بہت میٹھی زباں جاتا رہا
وہ نبی کا تھا چہیتا، غوث کا تھا لاڈلا — اپنے پیر و مرشد کا دُلارا، مدح خواں جاتا رہا
ہائے وہ کیسا ہمارے سر سے سایہ اُٹھ گیا — جس کے اُٹھ جانے سے سب آرامِ جاں جاتا رہا[2]

---

[1]... سيدی قطبِ مدينہ، صفحہ: 17، 18۔

[2]... سيدی ضياء الدين احمد القادری، جلد:2، صفحہ:329۔

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

الله پاڪ اسان کي سيدي قطبِ مدينہ جي سيرت ۽ اخلاق مان روشني وٺن جي توفيق بخشي. اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## قرباني جون کلون دعوتِ اسلامي کي ڏيو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن دور ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي سيدي قُطبِ مدينہ، امام احمد رضا خان ۽ غوث و خواجہ ۽ ٻين اولياء ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي۞دعوتِ اسلامي هاڻي تائين هزارين مسجدون، سوين فيضانِ مدينہ (مدني مرڪز) ٺاهي چڪي آهي ۞ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين (*Boys & Girls*) کي الڳ الڳ قرآنِ پاڪ جي تعليم ڏيڻ جي لاءِ هاڻي تائين دنيا ڀر ۾ تقريباً 12 هزار 699 مدرسةُ المدينہ قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 3 لک 73 هزار 729 ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي قرآنِ پاڪ حفظ ۽ ناظره جي مُفت تعليم ڏني پئي وڃي ۞ عالم ۽ عالمہ ڪورس ڪرائڻ جي لاءِ هاڻي تائين تقريباً 1 لک، 32 هزار طلبہ ۽ طالبات کي درسِ نظامي (عالم ۽ عالمہ ڪورس) مُفت ڪرايو پيو وڃي.۞شرعي رهنمائي جي لاءِ سڄي پاڪستان ۾ 17 دارُ الافتاء اهلسنت قائم ٿي چڪا آهن، مُفتيانِ ڪرام امت جي شرعي رهنمائي ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهن انهن ۾ سالانہ اوسطاً 1 لک 70 هزار سوالن جا مختلف انداز ۾ (مثال طور آمهون سامهون، فون جي ذريعي، واٽس ايپ، اي ميل وغيره) جوابَ ڏنا ويندا آهن. ۽۞المدينةُ العلميہ ( *Islamic Research Canter*) ۾ مختلف موضوعن تي 932 ديني ڪتابَ ڇپجي چڪا آهن ۽ هي سلسلو اڃان جاري آهي۞الحمد لله! مدني چينل هن وقت 3 ٻولين اردو، انگلش ۽ بنگلا ۾ سيٽلائٽ تي آهي.

اوهان بہ خدمتِ دين جي هن ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو! الحمد لله! عيدُ الاضحيٰ ويجهو آهي، عاشقانِ رسول قرباني جي سعادت حاصل ڪندا. سيني کي التجاء آهي تہ پنهنجي پنهنجي جانور جي کلَ دعوت اسلامي کي ڏيندا! توهان جي ڏنل رقم يا کلَ جي ذريعي دنيا ڀر ۾ ديني، اصلاحي، روحاني ۽ فلاحي ڪم ڪيا ويندا، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ! اوهان جي لاءِ صدقہءِ جاريہ ٿيندو.

الله پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْنْ بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِيْنِ صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

عطارؔ سے محبوب کی سُنَّت کی لے خدمت | ڈنکا یہ ترے دین کا دُنیا میں بجادے[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

پيارا اسلامي ڀائرو! فيضانِ اولياء ماڻهن، باڪردار ۽ با اخلاق مسلمان بڻجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ بہ خوب دل لڳائي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ الله الْکَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بي شمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪم مان هڪ ديني ڪم مدني قافلو بہ آهي.

بيشڪ نيڪي جي دعوت ڏيڻ، ان ۾ مُشقت برداشت ڪرڻ انبياء جي سنت آهي، ❁دين جو ڪم مشڪلاتون ڪٽي ڪري، قربانيون ڏئي ڪري ئي ٿيندو آهي❁انبياء ڪرام❁صحابہءِ ڪرام❁نيڪ ماڻهو نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ گهران نڪرندا❁ڀري ڀري علائقن ۾ ويندا❁هجرت ڪندا ۽❁مشقت برداشت ڪري دين جو پيغام عام ڪندا هئا❁اڳين جي قربانين ڪان ئي اسان تائين دين پهتو آهي. عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي بہ انهيءَ راهہ تي

[1]…وسائلِ بخشش، صفحہ:112۔

آهي، ۞دنيا ڀر ۾ ديني ڪم عام ڪرڻ جي لاءِ لڪين عاشقانِ رسول مدني قافلي جي صورت ۾ مُلڪ مُلڪ، شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ويندا ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪندا آهن ۞مدني قافلن جي برڪت سان ڪيئي ڪافر ڪلمو پڙهي ڪري مسلمان ٿي چڪا آهن ۞لکن جي زندگي ۾ نيڪين جي بهار اچي وئي آهي الحمدلله! 3 ڏينهن، 12 ڏينهن، 1 مهينو ۽ 12 مهينن جا قافلا سفر ڪندا رهندا آهن.

۞اوهان بہ مدني قافلي ۾ سفر ڪندا رهو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪيئي برڪتون ملنديون ۞مدني قافلي ۾ فرض علمِ دين سيکاريو ويندو آهي ۞سنتون سيکاريون وينديون آهن ۞تهجد پڙهڻ جي سعادت ملندي آهي ۞نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي ۞قافلي جي برڪت سان دعائون قبول ٿيڻ ۞مشڪلاتون ٽرڻ ۞بيمارين کان شفا ملڻ جا بہ ڪيئي واقعا آهن ۞ائين بہ ٿيو جو مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن عاشقانِ رسول جي حوصلہ افزائي جي لاءِ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪرم فرمايو، خواب ۾ تشريف وٺي آيا ۽ قافلي جي شرڪاء کي ديدار جو شربت پياري ڇڏيو.

اسان مدني قافلي ۾ سفر ڪيون، ڪهڙي خبر اسان تي بہ ڪرم ٿي وڃي. گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي نيت ڪري وٺو! اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## باغ جو پينگهو

**حيدرآباد جي هڪ محلي** ۾ علاقائي دوري جي دعوت کان متاثر ٿي ڪري هڪ ماڊرن (*Modern*) نوجوان مسجد ۾ اچي ويو. بيان ۾ مدني قافلي جي سفر جي ترغيب ڏياري وئي تہ ان مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي لاءِ نالو لکرائي ڇڏيو. اجان قافلي وڃڻ ۾ ڪجھ ڏينهن باقي هئا تہ ان جو انتقال ٿي ويو. گهروارن مان ڪنهن مرحوم کي خواب ۾ هن حالت ۾ ڏٺو تہ اهو هڪ سائي باغ ۾ نهايت خوش آهي ۽ پينگهي ۾ لڏي رهيو آهي. خواب ڏسڻ واري پڇيو،

هتي ڪيئن اچي وئين؟ ان نوجوان جواب ڏنو: دعوت اسلامي جي مدني قافلي سان گڏ آيو آهيان، اللّٰه جو وڏو ڪرم ٿيو آهي، منهنجي ماءُ ڪي چئجانءِ ته منهنجو غم نہ ڪري مان هتي نهايت ئي سڪون سان آهيان.

| | |
|---|---|
| لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو |
| پاؤ گے بخششیں قافلے میں چلو | جنّتیں بھی ملیں، قافلے میں چلو |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قرآن ٽيچر موبائل ايپليڪيشن

اي عاشقانِ رسول ! اڄ ٽيڪنالوجي جو دور آهي. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه !قرآن ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، ان جو نالو آهي قرآن ٽيچر (**Quran Teacher**) ❁هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي درسِ نظامي، فيضانِ نماز ڪورس ۽ زڪوات ڪورس جهڙن بي شمار آن لائن ڪورسن جي رجسٽريشن ڪرائي سگهجي ٿي❁اسٽوڊنٽ پورٽل (**Student Portal**) ۾ پنهنجي آن لائن ڪلاس جي باري ۾ خبروار رهي سگهن ٿا:❁دعوتِ اسلامي جي هن پليٽ فارم تي تقريبًا 45 ڪان وڌيڪ ديني ڪورس ڪرايا ويندا آهن❁هي ايپليڪيشن آن لائن ٽيڇڻ وارن ڪورسز جي باري ۾ بہ معلومات فراهم ڪندي آهي اوهان بہ پنهنجي مرضي جي مطابق ڪنهن بہ ڪورس جو انتخاب ڪري سگهو ٿا ۽ بنا ڪنهن مُشڪل جي آن لائن قرآن سکڻ جي لاءِ داخلا وني سگهو ٿا. هن ايپليڪيشن ڪي ڊاؤن لوڊ ڪري پاڻ بہ فائدو کٹو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

پيارا اسلامي ڀائرو! هر هفتي اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ مدني چينل تي لائيو هفيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، الحمد لله ذوالحج جو مبارڪ عشرو جاري و ساري آهي جنهن ۾ روزانو ئي مدني مذاڪرو ٿي رهيو آهي. تمام ذميدار ۽ عاشقِ رسول هنن مدني مذاڪرن ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ هن جي دعوت ڏين ❁ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهن جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو سني عالمن جي مڪي مديني جا 17 واقعات جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا مثال طور واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الاهي ۽ ثواب جي لاءِ ٻين کي بہ شئير (Share) ڪيو! قرباني اسلام جو هڪ اهم فريضو آهي هر سال مسلمان هن فريضي کي انجام ڏيندا آهن، ڪٿي نہ ڪٿي اسان کي هي خيال ضرور ايندو هوندو تہ اسان قرباني ڇو ڪندا آهيون ۽ هن جا فائدا ڪهڙا آهن، انهن ڳالهين کي ڄاڻڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جا 2 رسالا قرباني ڇو ڪندا آهيون ۽ جانورن جي باري ۾ دلچسپ معلومات مڪتبةُ المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 20، 20 روپيا قيمت ڏئي طلب ڪيو، پاڻ بہ پڙهو! ۽ ٻين کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڏيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

[1]...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

# قرباني مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سنت آهي

2 فرامينِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ : (1) جنهن خوش دلي سان ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ قرباني ڪئي تہ اها جهنّم جي باهہ کان حِجاب (يعني روڪ) ٿي ويندي.[1] ﴿2﴾ توهان جي لاءِ قرباني جي هر وار جي بدلي ۾ هڪ نيڪي آهي.[2] اي عاشقانِ رسول! پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اهتمام سان قرباني فرمائيندا هئا، اُمُّ المؤمِنين حضرتِ سيدَتُنا عائشہ صدّيقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ ۾ هڪ ڇٽڪمرو(اڇي ۽ ڪاري ٽڪن وارو) گهيٽو پيش ڪيو ويو جنهن کي سندن پنهنجي هٿن سان ذبح ڪيو.[3] ❁ بالغ، مقيم، مسلمان مرد ۽ عورت، مالڪِ نصاب تي قرباني واجب آهي، مالڪِ نصاب هئڻ سان مراد هي آهي تہ ان شخص وٽ ساڍا ٻاونجاهہ تولا چاندي يا ايتري ماليت جي رقم، يا ايتري ماليت جو واپار جو مال، يا ايتري ماليت جو حاجتِ اصليہ کان علاوه سامان هجي.[4] جنهن شخص کي قرباني ڪرڻ جي وُسعَت هجي پوءِ بہ اهو قرباني نہ ڪري تہ اهو اسان جي عيد گاهہ جي ويجهو نہ اچي.[5] حضرت بابا فريد الدين گنج شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو صدقو ۽ قرباني ناهي ڪندو ان کان آرام کسيو ويندو آهي.[6] ❁ قربانيءَ جي وقت ۾ قرباني ڪرڻ ئي لازم آهي ڪا ٻي شيءِ (يعني مال وغيره جي ذريعي صدقو) ناڪافي ٿيندو[7]

---

1 …معجم ڪبير،جلد:2، صفحہ:213، حديث:2670۔

2 …ابن ماجہ، ڪتاب:الاضاحی، باب:ثواب الاضحيہ، صفحہ:510، حديث:3127۔

3 … مسلم، ڪتاب الاضاحی، باب استحباب الضحية...الخ، صفحہ:782، حديث:1967۔

4 … فتاویٰ ہنديہ، ڪتاب الاضحيہ، باب فی تفسيرها و رکنها...الخ، جلد:5، صفحہ:360-362 ملتقطاً۔

5 … ابن ماجہ، ڪتاب الاضاحی، باب الاضاحی واجبة ام لا ، صفحہ:509، حديث:3123۔

6 … فيضان بابا فريد ، صفحہ:65۔

7 … فتاویٰ ہنديہ، ڪتاب الاضحيہ، باب فی تفسيرها و رکنها...الخ، جلد:5، صفحہ:363۔

پيارا اسلامي ڀائرو! قرباني جي تفصيلي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ڪتاب بهار شريعت جلد 3، حصو 15 ۽ شيخِ طريقت، اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو رسالو ”ابلق گهوڙي سوار“ جو مطالعو ڪريو.

الله پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْنْ بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

## اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (١) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

---

1…اَفْضَلُ الصَّلاة، صفحہ:151، خلاصةً.

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بينل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ وينل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (1)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (2)

## (4) ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (3)

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو

---

1…اَفْضَلُ الصّلاة، صفحه:65۔

2…قَوْلُ البَدِيْع، باب ثانی، صفحه:277۔

3…اَفْضَلُ الصلاة، صفحه:149۔

آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُود شفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[3]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[4]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1…قَولُ البَدِيْع، باب اَوَّل، صفحہ:125۔

2…الترغيب والترہيب، کِتَابُ الذِّکْر والدُّعَا، جلد:2، صفحہ:329، حديث:30۔

3…مَجْمَعُ الزَّوائد، کِتَابُ الْاَدْعِيَہ، جلد:10، صفحہ:254، حديث:17305۔

4…تاريخِ اِبْنِ عَساکِر، جلد:19، صفحہ:155، حديث:4415۔